# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 1994

# SINDH ACT NO.VIII OF 1994

# شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1993

# THE SUGAR FACTORIES CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1993

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1950 جي ايڪٽ XXII جي ترميم
Amendment of Act XXII of 1950

3. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Act XXII of 1950

4. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Act XXII of 1950

5. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Act XXII of 1950

6. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Act XXII of 1950

7. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Act XXII of 1950

8. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Act XXII of 1950

9. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 14_A جي ترميم

Amendment of section 14_A of Act XXII of 1950

10. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Act XXII of 1950

11. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of Act XXII of 1950

12. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Act XXII of 1950

13. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of section 18 of Act XXII of 1950

14. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 21 جي ترميم

Amendment of section 21 of Act XXII of 1950

15. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of section 22 of Act XXII of 1950

16. 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of section 23 of Act XXII of 1950

17. 1993 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.XVII of 1993

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.VIII OF 1994

## شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1993

## THE SUGAR FACTORIES CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1993

[7 مارچ 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي ترميم
Amendment of Act XXII of 1950

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، لفظ "صوبائي" جتي بہ اچي ان کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾:

جي دفعہ 2 XXII جي ترميم
Amendment of section 2 of Act XXII of 1950

(i) شق (e) ۾ لفظن "جيڪو ڪمند ۽ آبادگارن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي جو ميمبر نہ آهي" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) شق (f) کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii) شق (h) ۾ انگ ۽ لفظ "30 جون" لاءِ انگ ۽ لفظ "15 اپريل" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(iv) شق (i) ۾ لفظن "خالي ڪڏ جي مقصد لاءِ" کي ختم ڪيو ويندو؛

(v) شق (i) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(i-a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت"؛

(vi) شق (m) کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Act XXII of 1950

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي شرطيہ بيان ۾ لفظ "شروع" ۽ لفظ "پيڙائي" جي وچ ۾ لفظ "۽ ختم" کي شامل ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Act XXII of 1950

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "ڊويزن جو ڪمشنر" کي لفظ "حڪومت" سان متبادل بڻايو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Act XXII of 1950

6. جاڙايل ايڪٽ جي دفعه 12 ۾، لفظ "۽ ڪين گروورس ڪوآپريٽو سوسائٽيز" کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Act XXII of 1950

7. جاڙايل ايڪٽ جي دفعه 13 ۾:

(i) ذيلي دفعه (1) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعه (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) فيڪٽري رکندڙ جنهن جي لاءِ ايراضي مختص ڪئي وئي آهي، ڪمند جي آبادگار سان ڪمند جي اهڙي طريقي، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي ۽ اهڙي تاريخ تي خريداري ڪندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."؛

(iii) ذيلي دفعه (3) ۾، لفظ "پرچيزنگ ايجنٽ کان يا" کي ختم ڪيو ويندو.

(iv) ذيلي دفعه (4) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(4) مختص ايراضي ۾ آباد ڪيل ڪمند جي آبادگارن ڪانسواءِ ڪنهن به شخص پاران وڪرو نه ڪيو ويندو".

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of

8. جاڙايل ايڪٽ جي دفعه 14 ۾:

(i) ذيلي دفعه (ii) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(ii) فيڪٽري رکندڙ جنهن جي لاءِ هڪ ايراضي رکي وئي

آهي، ڪمند جي آبادگارن سان ڄاڻايل ايراضي ۾ خريداري لاءِ ڪمند جي اهڙي مقدار، طريقي ۽ شرطن ۽ ضابطن ۽ تاريخ جو معاهدو ڪندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."؛

section 14 of Act XXII of 1950

(ii) ذيلي دفعه (iii)، (iv) ۽ (v) کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii) دفعه (vi) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(iv) ذيلي دفعه (1) تحت حڪم خلاف اپيل حڪومت کي ڪري سگهبي."

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 14_A جي ترميم

Amendment of section 14_A of Act XXII of 1950

9. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 14_A ۾، لفظن "يا ڪين گروورس ڪوآپريٽو سوسائٽيز" کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of section 15 of Act XXII of 1950

10. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 15 ۾:

(i) شق (b) ۽ (c) کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) شرطيه بيان ۾، لفظن "يا هڪ ڪيريئر ذريعي" کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعه 16 جي ترميم

11. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 16 ۾:

(i) ذيلي دفعه (iii) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

Amendment of section 16 of Act XXII of 1950

"(iii) فيڪٽري رکندڙ ڪمند جي آبادگارن کان ڪيس وڪرو ڪيل ڪمند مان ڪا ڪٽوتي نہ ڪندو، سواءِ اهڙين ڪٽوتين جي جيڪي بيان ڪيون ويون هجن يا حڪومت، وقت بوقت نوٽيفڪيشن ذريعي اجازت ڏئي.".

(ii) لفظن "يا ڪين گروورس ڪو آپريٽو سوسائٽي" کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Act XXII of 1950

12. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 17 ۾، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"17. فيڪٽري جي مالڪ پاران ڪو شخص يا ڪي ماڻهن ڪمند جي خريداري جي سلسلي ۾ ڪنهن ڪم يا ڪم جي لاءِ نہ رکيو ويندو".

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 18 جي ترميم
Amendment of section 18 of Act XXII of 1950

13. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 18 جي ذيلي دفعہ (i) ۾، لفظن "يا ڪين گروورس، ڪو آپريٽو سوسائٽيز جا ميمبر" کي ختم ڪيو ويندو.

1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 21 جي ترميم
Amendment of section 21 of

14. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 21 ۾، لفظ "پندرهن هزار" لاءِ لفظن "هڪ لک" کي متبادل بڻايو ويندو.

| | |
|---|---|
| Act XXII of 1950 | |
| 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 22 جي ترميم<br>Amendment of section 22 of Act XXII of 1950 | 15. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 22 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (i) ۾ لفظن "ڪليڪٽر يا" کي ختم ڪيو ويندو.<br>(ii) ذيلي دفعہ (ii) ۾ لفظن "يا ڪليڪٽر" کي ختم ڪيو ويندو؛<br>(iii) ذيلي دفعہ (iv) جي شق (c) ۾ لفظن "ڪو عملدار جيڪو ڪليڪٽر جي عهدي کان گهٽ نہ هجي" لاءِ لفظن "ڪين ڪمشنر" کي متبادل بڻايو ويندو. |
| 1950 جي ايڪٽ XXII جي دفعہ 23 جي ترميم<br>Amendment of section 23 of Act XXII of 1950 | 16. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "دفعات 8 ۽ (v) (14)" لاءِ لفظن "دفعہ 8" کي متبادل بڻايو ويندو. |
| 1993 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance No.XVII of 1993 | 17. شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1993 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |